# خوف خدا

## ۾ روئڻ جي اهميت

07-March-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# خوف خدا ۾ روئڻ جي اهميت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

اسان جي پياري پياري ۽ هر عيب کان پاڪ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايائون: مَنْ سَرَّہٗ اَنْ يلْقَى الله غَداً رَاضِياً، فَلْيكْثِرِ الصَّلاة عَلَیَّ يعني جنهن کي اهو پسند هجي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ وقت الله پاڪ ان سان راضي هجي تہ ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهي- (فِردوسُ الاخبار ، ۲/۲۸۴، حديث ۶۰۸۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس

۞ ڏِکو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاللهَ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ۾ڏي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُدَندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان خوفِ خدا ۾ روئڻ جي اَهميت بابت ٻڌنديوسين. خوفِ خدا ۾ روئڻ ڪيترو فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو هن بابت هڪ ايمان افروز حِڪايت بيان ڪئي ويندي. اهو بہ ٻڌنديوسين تہ خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟ اهو پڻ ٻڌنديوسين. خَوفِ خدا ۾ روئڻ جي ترغيب تي ڪجهہ روايتون بہ بيان ڪيون ويندِيون. يقيناً خَوفِ خدا ۾ روئڻ سعادت جي ڳالهہ آهي، گڏوگڏ ڳوڙها ڳاڙڻ جا طبّي فائدا بہ آهن، اهي بہ پيش ڪيا ويندا. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ ڪرام خُوفِ خدا ۾ ڪيئن گِريہ و زاري ڪندا هئا ان حوالي سان بہ ڪجهہ واقعا بيان ٿيندا. الله ڪري اسان دلجمعي سان ۽ اوّل تا آخر سنين سنين نيتن سان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون. اچو هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿيون!

## هڪ ڳوڙهو جهنم کان آزادي جو سبب بڻجي ويو

مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "**خوفِ خدا**" جي صفحي 142 تي آهي : قِيامت جي ڏينهن هڪ شَخص کي بارگاهہ خداوندي ۾ آندو ويندو. ان کي ان جو اَعمال نامو ڏنو ويندو تہ هو ان ۾ ڪوڙ گناهہ ڏسندو. پوءِ عَرض ڪندو: يا اِلاهي! مون

هي گناهه ڪيا ئي نہ آهن؟ الله پاڪ اِرشاد فرمائيندو: مون وٽ هن جا مضبوط گواهه آهن. اهو ٻانهو پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ڏسندو پر ڪنهن گواهه کي ڏسي نہ سگهندو ۽ چوندو: يا ربّ! اهي گواهه ڪٿي آهن؟ تہ الله ڪريم ان جي عضون کي شاهدي ڏيڻ جو حڪم ڏيندو. ڪَن چوندا:ها! اسان (حرام) ٻڌو۽ اسان هن تي گواهه آهيون. اکيون چونديون: ها! اسان (حرام) ڏٺو. زبان چوندي: ها! مون (حرام) ڳالهايو هو. اهڙي طرح هٿ ۽ پير چوندا: ها! اسان (حرام ڏانهن) وڌيا هئاسين. وغيره وغيره

اهو ٻانهو هي سڀ شاهديون ٻڌي حيران ٿي ويندو. پوءِ جڏهن الله پاڪ ان جي لاءِ جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم فرمائيندو تہ ان شخص جي ساڄي اک جو هڪ وار ربّ ڪريم کي ڪجهه عرض ڪرڻ جي اجازت گهرندو ۽ اجازت ملڻ تي عرض ڪندو: اِلاهي! ڇا تو اهو نہ فرمايو هو تہ منهنجو جيڪو ٻانهو پنهنجي اک جي ڪنهن وار کي منهنجي خَوف مان آلو ڪندو، مان ان جي بخشش ڪندس؟ الله پاڪ اِرشاد فرمائيندو: ڇو نہ! پوءِ اهو وار عرض ڪندو: مان شاهدي ڏيان ٿو تہ تنهنجو اهو گناهگار ٻانهو تنهنجي خَوف سبب رُنو هو جنهن سان مان آلو ٿي پيو هئس. اهو ٻڌي الله پاڪ هن ٻانهي کي جنت ۾ وڃڻ جو حڪم فرمائيندو. هڪ منادي سڏي چوندو: ٻڌو! فُلاڻو پٽ فُلاڻي جو پنهنجي اک جي هڪ وار جي ڪري جَهنَّم کان نجات ماڻي ويو.

(درة الناصحين ،المجلس الخامس والستون ،ص۲۵۳)

جَلا دے نہ نارِ جہنّم، کرم ہو پئے بادشاہِ اُمَم یااِلٰہی!
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ہو مجھ ناتُواں پر کرم یااِلٰہی!
تُو عطّار کو بے سبب بخش مولیٰ کرم کر کرم کر کرم یااِلٰہی!

(وسائلِ بخشش مرمم،ص:۱۱۱،۱۱۰)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رب جي رحمت وڏي آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان جتي خوفِ خدا سبب روئڻ جي اهميت معلوم ٿي اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي رحمت تمام وسيع آهي. اهو ڪريم رب پنهنجن ٻانهن تي بي انتها رحم فرمائيندو آهي. دنيا جو اصول آهي تہ غلطي تي هٿوهٿ ڏڙڪو يا سزا ملندي آهي، پر قربان وڃجي پنهنجي رب ڪريم جي بخشش ۽ رحمت تي جو هو نافرمانين جي ڪثرت جي باوجود بہ اسان جي پرده پوشي فرمائي ٿو. گناهن جي باوجود بہ اسان جو رب ڪريم اسان جو رزق بند ناهي ڪندو. گناهن جي باوجود اسان جو رب ڪريم اسان جي اکين جي روشني ختم ناهي ڪندو، گناهن جي باوجود اسان جو رب ڪريم اسان جي ٻڌڻ جي قوت کي ختم ناهي ڪندو، گناهن جي ڪثرت جي باوجود اسان جو رب ڪريم اسان کي ڳالهائڻ جي طاقت کان محروم ناهي ڪندو، گناهن جي ڪثرت جي باوجود اسان جو رب ڪريم اسان کي پيرن جي نعمت کان محروم ناهي ڪندو، گناهن جي ڪثرت جي باوجود اسان جو رب ڪريم اسان کي هٿن جي نعمت کان محروم ناهي ڪندو. خطائن جي گهڻائي جي باوجود هو اسان کي پنهنجي ڪرم واري در کان دور ناهي ڪندو. هو ڪريم صرف پنهنجي فضل ۽ رحمت سان گُناهن کي لڪائي ڇڏيندو آهي ڇوتہ ان جي رحمت ان جي غضب تي حاوي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

❖ اهو الله پاڪ اسان جو پَرَوَرْدِگار اهڙو "ڪريم" آهي جيڪو نافرمانن تي بہ جود ۽ ڪرم جي برسات ڪندو آهي، ❖ اهو پَروردگار اهڙو "حليم" آهي جو جڏهن ڪنهن گناهگار کي پنهنجي نافرماني تي حسرت ۽ ندامت ڪندي ڏسندو آهي تہ ان جي توبہ قبول ڪندو آهي. ❖ اهو پَرَوَرْدِگار اهڙو "عليم" آهي جيڪو دلين جا راز ڄاڻيندو، نيتن کان آگاهہ آهي ۽ زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ ان کان لڪيل نہ آهي. ❖ اهو پَرَوَرْدِگار اهڙو "عظيم" آهي جو ڪنهن بہ گناهہ کي معاف ڪرڻ ان جي لاءِ دشوار نہ آهي.

مسلم شريف جي حديثِ پاڪ آهي: حضرتِ سيدُنا سلمان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، پنهنجي امت جي غم ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ واري آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: الله پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش جي ڏينهن سؤ رحمتون پيدا ڪيون. هر رحمت زمين ۽ آسمان جي درميان هڪبئي مٿان رکي وئي آهي. انهن مان هڪ رحمت زمين تي نازل ٿي. انهيءَ مان والده پنهنجي اولاد تي، خونخوار جانور ۽ پکي هڪ ٻئي تي مهربان ٿيندا آهن، ايستائين جو گهوڙو پنهنجو پير پنهنجي ٻچي کان پري ڪندو آهي ته ڪٿي ان کي ڌڪ نه لڳي وڃي. جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته الله پاڪ هن رحمت کي ٻين نوانوي (99) رحمتن ۾ ملائي سؤ مڪمل ڪندو ۽ بروزِ قيامت ان سان پنهنجي ٻانهن تي رحم فرمائيندو. (مسلم، كتاب التوبة،باب في سعة رحمة الله۔۔۔الخ،ص١١٢٩، حديث: ٦٩٧٧)

اچو! ربّ ڪريم جي رحمت تي مشتمل هڪ ايمان افروز روايت ۽ حڪايت ٻڌون ٿيون:

## رب جون عنايتون ۽ نوازشون!

بخاري شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ روايت ڪن ٿا ته رَسُولُ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن جڏهن الله پاڪ ٻانهن جي مقدمن کان فارغ ٿي ويندو ته هڪ ماڻهو جيڪو جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ (Between) رهجي ويندو اهو دوزخين مان آخري شخص هوندو جيڪو جنت ۾ ويندو- جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان ان جو منهن دوزخ ڏانهن هوندو ۽ اهو عرض ڪندو: يَا رَبِّ اصۡرِفۡ وَجۡهِي عَنِ النَّارِ اي منهنجا پَروَردگار! منهنجو چهرو دوزخ کان ڦيري ڇڏ، مون کي ان جي بدبو ماري ڇڏيو آهي ۽ ان جي شعلن مون کي ساڙي ڇڏيو آهي- الله پاڪ فرمائيندو: جيڪڏهن تو سان اهو احسان ڪيو وڃي ته تون ان کان علاوه ٻيو ڪجهه نه گهرندين؟ اهو ٻانهو عرض ڪندو: لَا وَعِزَّتِكَ تنهنجي عزت جو قسم! مان ڪجهه نه گهرندس- الله پاڪ ان جو چهرو دوزخ کان هٽائيندو- جڏهن اهو ٻانهو جنت ڏانهن چهرو ڪندو ته جنت جي شادابي ۽

تازگي کي ڏسڻ لڳندو- جيستائين الله پاڪ چاهيندو اهو خاموش رهندو- پوءِ عرض ڪندو: اي منهنجا پَروَردگار! مون کي جنت جي دروازي کان قريب ڪري ڇڏ- الله پاڪ ان کي فرمائيندو: ڇا تو واعدو نہ ڪيو هو تہ جيڪو ڪجھ گهري چڪو آهين هاڻي ان کان علاوه ٻيو ڪو سوال نہ ڪندين؟ اهو شخص عرض ڪندو: اِلٰهي! مان تنهنجي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ بدنصيب ٿيڻ نٿو چاهيان- الله پاڪ فرمائيندو: ٿي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن تو کي اهو بہ ملي وڃي تہ تون وري ٻيو سوال ڪرين؟ اهو عرض ڪندو: اي پَروَردگار! مون کي تنهنجي عزت جو قسم! هاڻي مان ڪجھ نہ گهرندس- پوءِ الله پاڪ ان کي جنت جي ويجهو ڪندو، جڏهن اهو شخص جنت جي دروازي جي ويجهو پهچي ويندو ۽ جنت جي شگفتگي، تازگي ۽ لذت کي محسوس ڪندو- پوءِ جيستائين الله پاڪ چاهيندو هو خاموش رهندو پوءِ وري اهو ٻانهو عرض ڪندو: يَا رَبِّ أَدْخِلْنِي الْجَنَّةَ، اي منهنجا پَروَردگار! مون کي جنت ۾ داخل فرماءِ- الله پاڪ فرمائيندو: اي ابنِ آدم! افسوس! تون ڪيتري قدر واعدي کي ٽوڙڻ وارو آهين! ڇا تو اهو واعدو نہ ڪيو هو تہ جيڪو ڪجھ توکي ملي چڪو ان کان وڌيڪ ڪجھ نہ گهرندين؟ اهو عرض ڪندو: ياالٰهي! مونکي پنهنجي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ بدقسمت نہ ڪرِ- پوءِ الله پاڪ ان کي جنت ۾ وڃڻ جي اجازت عطا فرمائيندو ۽ اِرشاد فرمائيندو: گهر! ڇا گهرين ٿو؟ ان تي اهو ٻانهو پنهنجي خواهشن جو اظهار ڪندو ايستائين جو ان جون خواهشون (Desires) ختم ٿي وينديون- پوءِ الله پاڪ ان کي فرمائيندو جيڪو تو گهريو آهي اهو ڏنو ويندو ۽ ان جهڙو ٻيو بہ ڏنو ويندو بلڪ ان جو ڏهہ (10) ڀيرا اجا وڌيڪ بہ ڏنو ويندو- (بخاري، كتاب الاذان، باب فضل السجود،۱/۲۸۳، حديث:۸۰۶ ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ رب تعاليٰ کان گهرڻ وارِي محروم ناهي ٿيندي، رب تعالٰي کان دعا ڪرڻ وارِي محروم ناهي رهندي. پر دعا جي آداب کي بہ پيشِ نظر رکڻ ضروري آهي. اچو! دعا جي اداب مان هڪ ادب ٻڌون ٿيون، مڪتبة المدينہ جي ڪتاب فضائلِ دعا ۾ آهي: ڳوڙها ڳاڙڻ جي ڪوشش ڪريو توڙي جو هڪ ئي قطرو هجي ڇوتہ هي دعا جي قبوليت جو دليل آهي. (فضائلِ دعا، ص۸۱، ادب نمبر۳۳) اهڙي طرح خوفِ خدا ۾ روئڻ بہ تمام وڏي نعمت آهي. جڏهن تہ خود خوفِ خدا تمام وڏي نعمت آهي، جيستائين اها عظيم دولت حاصل نہ ٿئي گناهن کان بيزاري ۽ نيڪين سان پيار مشڪل آهي. پر جڏهن اها عظيم دولت نصيب ٿي وڃي تہ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ نهايت آسان ٿي ويندو آهي. اها عظيم نعمت هوندي ڇا آهي؟ خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟ اچو! هن بابت ٻڌون ٿيون، جيئن شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ پنهنجي مايہ ناز تاليف ”ڪفريہ ڪلمات ڪے بارے ميں سوال جواب“ صفحي 26 تي فرمائن ٿا: ”**خوفِ خدا**“ مان مراد هي آهي تہ ”الله پاڪ جي خفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، ان جي ناراضگي، ان جي پڪڙ،ان جي طرف کان ڏنا ويندڙ عذاب، ان جي غضب ۽ ان جي نتيجي ۾ **ايمان جي بربادي** وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو ”**خوفِ خدا**“ آهي. قرآنِ ڪريم ۾ الله ربُّ الۡعٰلَمِين مومنياڻين کي ڪيئي هنڌن تي هن پاڪيزه صفت کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي: جيئن سيپاري 5، سُوۡرَه نِسَاء، آيت نمبر 131 ۾ ارشاد آهي:

وَ لَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ اِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
(پ5،النساء:131 )

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان تاڪيد فرمائي ڇڏي آهي انهن کي جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا ۽ توهان کي بہ، تہ الله کان ڊڄو.

اهڙي طرح سيپاري 22،سوره احزاب آيت نمبر 70 ۾ ارشاد خداوندي آهي :

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۙ﴿۷۰﴾ (پ22،الا حزاب: 70)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالھ چئو.

سيپاري 4 سوره آلِ عمران آيت نمبر 175 ۾ اِرشاد آهي:

وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مون کان ڊڄو جيڪڏهن ايمان وارا آهيو.
(پ 4، آل عمران: 175)

## ڳوڙها ڪٿي ڳاڙيون؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ايمان جي تقاضن مان هڪ تقاضو خوفِ خدا بہ آهي. يقيناً فڪرِ آخرت سبب بيقرار رهڻ، عذابِ جهنم سبب اشڪبار رهڻ ۽ خوفِ خدا ۾ غرق رهڻ نهايت وڏي نعمت آهي. افسوس! اڄ دنيا جي غم ۾ تہ لڙڪ وهائڻ واريون تہ ڪيئي ملي وينديون آهن پر فڪرِ آخرت ۾ روئڻ جو جذبو گهٽ ٿيندو پيو وڃي. غور تہ ڪريو! هن دنيا جي حيثيت ئي ڇا آهي جو ان جي لاءِ لڙڪ وهايا وڃن. اها دنيا تہ هڪ مسافر خاني جيان آهي جنهن ۾ مسافر اچي ترسي ٿو ۽ ڪجھ ڏينهن رهڻ کان بعد موڪلائي ويندو آهي، مسافر خاني ۾ ڪجھ ڏينهن رهڻ وارو ڪڏهن بہ اتي وڏيون وڏيون اُميدون ناهي لڳائيندو. مسافر خاني ۾ ڪجھ ڏينهن رهڻ وارو ڪڏهن بہ اتي جي رونقن کان دل ناهي لڳائيندو. تنهنڪري اسان کي بہ دنيا جو فڪر نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ئي ان جي لاءِ ڳوڙها ڳاڙڻ گهرجن. بلڪ ❖

**ٻوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** خوفِ خدا ۾ ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** عشقِ رسول ۾ ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** فڪرِ آخرت ۾ ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** گناهن جي ڪثرت تي ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** نيڪيون نہ ڪرڻ تي ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** موت جي سختين کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** غمِ مدينہ ۾ ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** اللّٰہ پاڪ جي خفيہ تدبير جي خوف سبب ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** قبر کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** قبر جي وحشتن جو سوچي ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** قبر جي اونداهي کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** قبر جي تنگي کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** قيامت جي هولناڪ مرحلن کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيو، ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** اهو سوچي ڳوڙها ڳاڙيو تہ بروزِ محشر اسان پنهنجي هڪ هڪ عمل جو حساب ڪيئن ڏئي سگهنداسين؟ ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** اهو سوچي ڳوڙها ڳاڙيو تہ سياٽي محشر جي گرمي ۽ تپش کي اسان ڪيئن برداشت ڪنداسين؟ ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** اهو سوچ ڪري ڳوڙها ڳاڙيو تہ بروزِ محشر تلوار کان وڌيڪ تيز ۽ وار کان سنهي پل صراط ڪيئن پار ڪنداسين؟ ❖ **ڳوڙها ڳاڙٽا هجن تہ** اهو سوچي ڳوڙها ڳاڙيو تہ اسان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو يا نہ؟ مطلب تہ! فڪرِ آخرت ۾ بيقرار ٿي ڳوڙها ڳاڙيو.

## خوفِ خدا ۾ روئڻ جي عادت بڻايو

اچو! فڪرِ آخرت ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ جي ترغيب تي ٻہ حديث سڳوريون ٻڌون ٿيون:

1. فرمايائون: قيامت جي ڏينهن سيئي اکيون روئڻ واريون هونديون پر ٿي اکيون نہ روئنديون، انهن مان هڪ اها هوندي جيڪا خوفِ خدا سبب رُني هوندي. (ڪنزالعمال، ڪتاب المواعظ،۸/۳۵۶، حديث:۴۳۳۵)

2. فرمايائون: اي انسانو! روئيندا ڪريو ۽ جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جي ڪوشِش ڪندا ڪيو، ڇوتہ جهنّم ۾ جهنّمي روئندا، ايستائين جو انهن جا لڙڪ انهن جي ڇهرن تي ائين ڳڙندا ڄڻ اهي ناليون هجن، جڏهن لڙڪ ختم ٿي ويندا تہ رت وهڻ لڳندو ۽ اکيون زخمي ٿي وينديون. (شرحُ السّنة للبغوي ج۷ ص ۵۶۵ حديث۴۳۱۴)

اسين الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ جهنم کان پناهہ گهرون ٿيون. اچو! خوف خدا ۾ روئڻ جي متعلق بزرگانٰ دين جا ٿي قول بہ ٻڌي ونون ٿيون

1. حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: روئندا ڪريو! جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جي ڪوشش ڪريو، ان ذات جو قسم جنهن جي قبضيءَ قدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي علم هجي ها تہ اهو ايتري قدر دانهون ڪري ها جو ان جو آواز ٽٽي وڃي ها ۽ اهڙي طرح نماز پڙهي ها جو ان جي پٺي ٽٽي وڃي ها. (احياء العلوم ، ڪتاب الخوف والرجاء ج ۴، ص ۲۳۰)

2. حضرت سَيدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: الله پاڪ جي خوف مان هڪ ڳوڙهو وهائڻ منهنجي نزديڪ هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي. (شعب الايمان، ص۵۰۲/۱،حديث: ۴۸۲)

3. حضرت سَيدُنا ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضَي قدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن مان الله پاڪ جي خوف سبب روئان ايستائين جو منهنجا لڙڪ منهنجي ڳلن تي جاري ٿي وڃن تہ اها ڳالهہ مون کي هن ڳالهہ کان وڌيڪ پسند آهي تہ مان سون جو هڪ جبل صدقو ڪيان. (فيضانِ احياء العلوم، ص۱۷۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزو دل جي سختي دور ڪندو آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو جنهن ڪي روئڻ نہ اچي ان ڪي روئڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ڪڏهن ڪڏهن گناهن جي شدّت ۽ دل جي سختي جي ڪري لڙڪ سڪي ويندا آهن. ان سختي کي دور ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ ٻيڪ ۽ نفلي روزن جي ڪثرت ڪئي وڃي. هن سان دل نرم ٿيندي ۽ خوفِ خدا ۾ روئڻ جي سعادت حاصل ٿي سگهندي. زهي قسمت جو رجب جي آمد آمد آهي. هن مهيني جي روزن جون وڏيون برڪتون آهن. لهٰذا جن کان ٿي سگهي پڪي نيت ڪريو ۽ هن مهيني جا نفلي روزا رکو. هن سان نہ صرف دل جي سختي دور ٿيندي بلڪ رجب جون برڪتون بہ نصيب ٿينديون.

منقول آهي تہ جيهين آسمان جي دروازي تي رجب جي مهيني جا ڏينهن لکيل آهن. جيڪڏهن ڪو شخص رجَب ۾ هڪ روزو رکي ۽ ان کي پرهيزگاري سان پورو ڪري تہ اهو دروازو ۽ اهو (روزي وارو) ڏينهن هن ٻانهي جي لاءِ الله پاڪ کان مغفِرت طلب ڪندا ۽ عرض ڪندا: ياالله! هن ٻانهي کي بخشي ڇڏ. جڏهن تہ الله پاڪ جي حبيب، هر عيب کان پاڪ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذِيشان آهي: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، اها رجب جي 27 تاريخ آهي. (شُعَبُ الْاِيمَان، ۳/۳۷۴، حديث:۳۸۱۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ جا طبي فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان خوفِ خدا ۾ روئڻ جي اهميت جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين. جديد تحقيقات مان ثابت ٿيو آهي تہ روئڻ جا بہ ڪيئي فائدا آهن. اچو ڳوڙها ڳاڙڻ جا ڪجهہ طبي فائدا ٻڌون ٿيون: ❖ ماهرن مطابق اهو پاڻي جيڪو لڙڪن جي صورت ۾ اکين مان نڪرندو آهي، اک مان

نڪرندڙ ٻين پاڻين (Waters) کان مختلف هوندو آهي. ❖ تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته هر شخص کي هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پندرهن (Fifteen)(15) منٽ تائين روئڻ گهرجي. ❖ هفتي ۾ هڪ ڀيرو روئڻ دماغي صلاحيتن تي سٺو اثر وجهندو آهي. ❖ ماهرن جو چوڻ آهي ته ڳوڙهه انساني جسم ۾ موجود ڪوليسٽرول (Cholesterol) کي گهٽ ڪندا آهن. ❖ ڳري طبيعت ۾ وهندڙ ڳوڙهه ذهني دٻاءُ جو خاتمو ڪندا آهن جنهن سان بلڊ پريشر (Blood pressure)، شوگر (Sugar) ۽ دل جو مرض (Heart diseases) لاحق ناهي ٿيندو. ❖ ڳوڙهن کي روڪڻ سان اکين ۾ ڊي هائيڊريشن ٿي ويندي آهي جنهن سان روشني ڪمزور ٿيندي آهي جڏهن ته هفتي ۾ هڪ ڀيرو روئڻ سان روشني بهتر ٿيندي آهي. ❖ تحقيق مان اها ڳالهه به سامهون آئي آهي ته ڳوڙهن جي صورت ۾ جيڪو پاڻي اکين مان نڪرندو آهي ان ۾ ڪيئي طرح جا ڪيميائي جزا هوندا آهن. اهڙا ڳوڙهه انتهائي گهٽ مقدار ۾ به نڪرن ته ان جي نتيجي ۾ شريانن ۾ رت جا قطرا ڄمڻ جو عمل سست ٿي ويندو آهي ۽ جِلدي مرض (Skin diseases) مان نجات ملندي آهي. (مختلف ويب سائٹ سے ماخوذ)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ممڪن آهي ته ڳوڙها ڳاڙڻ جا فائدا ٻڌي روئڻ جو ذهن ٺهي رهيو هجي. اهو ياد رکو ته شرعاً جيڪو روئڻ پسنديده آهي ۽ جنهن تي ثواب آهي اهو روئڻ الله پاڪ جي لاءِ هجي، آخرت جي فڪر ۾ هجي، خوف خدا جي ڪري هجي. جڏهن ته دنيا جي لاءِ روئڻ تي اکين کي فائدو ته ملي سگهي ٿو پر ثواب نه ملندو. افسوس! اڄ اسان پنهنجي دنيا چڱي ڪرڻ جي لاءِ ڪيتريون بي چين آهيون. دنيا سٺي ٿي وڃي، صحت نيڪ ٿي وڃي، پريشانيون ختم ٿي وڃن، مصيبتون دور ٿي وڃن، مال ۽ دولت جي ڪثرت ٿي وڃي، قيمتي موبائل ملي وڃي، نئي گاڏي ملي وڃي، مطلب ته! بيشمار دنياوي مقصد آهن جو جن کي ماڻڻ جي لاءِ اسان پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪنديون آهيون پر افسوس آخرت کي بهتر ڪرڻ جو جذبو اهڙو نظر نٿو اچي جهڙو هجڻ گهرجي. **اي ڪاش!** اسان کي به دُنيا جي ناپائيداري جو

حقيقي معنٰي ۾ اِحساس ٿي وڃي، **اي ڪاش!** اسان جي بہ غفلت جو پردو ڪڇي وڃي. **اي ڪاش!** اسان کي بہ امّيدِ رحمت سان گڏوگڏ صحيح معنٰي ۾ خوفِ خدا مُيسر اچي، **اي ڪاش!** بُري خاتِمي جو ڊپ اسان جي دل ۾ ويهي رهي، **اي ڪاش!**اسان کي پنهنجي پَروَردگار جي ناراضين جو هر دم خوف رهي، **اي ڪاش!** سڪرات جي سختين، مَوت جي تڪليفن، پنهنجي غسلِ ميت ۽ تڪفين ۽ تدفين جي ڪيفيتن ۽ مرده حالت ۾ پنهنجي بيوسي جو احساس ٿي وڃي. **اي ڪاش!** قبر جي اونداهين ۽ وَحشتن، منڪر ۽ نڪير جي سُوالن، قَبر جي عذابن جو غم اسان کي هر وقت ستائيندو رهي. **اي ڪاش!** مَحشَر جي گرمين ۽ گهبراهٽن، پُل صراط جي دَهشتن، بارگاه اِلاهي جي پيشين، ميدانِ قِيامت ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين جي پڇاڻي جو ۽ سيني جي اڳيان عيب کُلڻ جي رُسوائين جو بہ خوف لاحق ٿي وڃي. **اي ڪاش!** جهنَّم جي خوفناڪ دانهُن، دوزخ جي هولناڪ سزائن، پنهنجي نازڪ سان پليل بدن جي نُزاڪتن ۽ جنّت جي عظيم نعمتن سان محرومين جو خوف اسان کي بي چين ڪندو رهي ۽ **اي ڪاش!** اهو خوف اسان جي لاءِ هدايت ۽ رحمت جو ذَرِيعو بڻجي وڃي.

## انبياءِ ڪرام جو خوفِ خدا سبب روئڻ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام اهي مقدس هستيون آهن جيڪي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ تمام مخلوق کان وڌيڪ مرتبو رکن ٿيون. هي اهي مقدس هستيون آهن جيڪي يقيناً يقيناً الله پاڪ جي غضب، ان جي عذاب ۽ ان جي ناراضي کان محفوظ آهن. ايستائين جو الله پاڪ انهن جي حفاظت جو واعدو ڪري ڇڏيو آهي تہ انهن کان گناهہ ٿي ئي نٿو سگهي. (بہارِ شريعت ، جلد۱، ح۱، ص38) بلڪ انهن جو شان تہ هي آهي جو جن جي سفارش هي ڪن تہ الله پاڪ انهن کي بہ عذابِ دنيا ۽ آخرت کان محفوظ ڪري ڇڏيندو آهي. هي مُقدَّس شَخصيتون گناهن کان پاڪ هئڻ ۽ الله پاڪ جي رضا جي منصب تي فائز هئڻ جي باوجود بہ اشڪباري ۽ آھ ۽ زاري ڪندا آهن. اسان جي شفاعت فرمائڻ واري آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ

وَالِهٖ وَسَلَّم سجي سجي رات عبادت ۽ اشڪباري ۾ گذاري ڇڏيندا هئا. جڏهن ته انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۾ ڪيئي اهڙا آهن جو جن جي اشڪباري ۽ آهه ۽ زاري ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين برقرار رهندي هئي. اچو انبياءِ ڪرام جي خوفِ خدا ۾ روئڻ بابت پنج (5) روايتون پڙهون ٿيون:

❖ منقول آهي ته حضرتِ سَيدُنا يحييٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا ته (خوفِ خدا ۽ سبب) ايتري قدر روئندا هئا جو وڻ (Trees) ۽ مِٽي جا پٿر به روئڻ لڳندا هئا ايستائين جو سندن عَلَيۡهِ السَّلَام جا والدِ ماجد حضرت سَيدُنا زَڪرِيا عَلَيۡهِ السَّلَام به حضرت يحييٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏسي روئندا هئا ايستائين جو بيهوش ٿي ويندا هئا. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اهڙي طرح مسلسل لڙڪ ڳاڙيندا رهندا هئا، ايستائين جو لاڳيتو وهندڙ لڙڪن جي ڪري حضرت يحيٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڳلن تي زخم ٿي پيا هئا. اهو ڏسي حضرت سَيدُنا يحييٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي امڙ سائڻ سندن جي ڳلن تي اُن واريون پٽيون لڳائيندي هيون. هن جي باوُجُود جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام بيهر نماز جي لاءِ بيهندا هئا ته وري روئڻ شروع ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ اهي اُن واريون پٽيون آليون ٿي وينديون هيون، جڏهن سندن جي والِده پٽين کي سڪائڻ جي لاءِ نپوڙينديون هيون ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجن لڙڪن کي پنهنجي امڙ جي ٻانهن تي ڪرندو ڏسي بارگاهِ اِلاهي ۾ عرض ڪندا هئا: اي الله پاڪ! هي منهنجا لڙڪ آهن، هيءَ منهنجي امڙ آهي ۽ مان تنهنجو ٻانهو آهيان جڏهن ته تون سڀ کان وڌيڪ رَحم فرمائڻ وارو آهين. (احياء العلوم ، كتاب الخوف والرجاء، ۴/ ۲۲۵ از خوفِ خدا، ص۴۵)

❖ اهڙي طرح حضرت سَيدُنا شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ اچي ٿو ته پاڻ خوفِ خدا سان ايترو روئيندا هئا جو مسلسل روئڻ جي ڪري سندن اکين جي روشني ختم ٿي وئي. ماڻهن عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا پيارا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! اوهان ايترو چو روئو ٿا جو اوهان جو نور پڻ ويندو رهيو؟ ارشاد فرمايائون: ٻن ڳالهين جي سبب. (۱) ڪٿي منهنجي نظر اهڙي شيء تي نه

پوي جنهن کي ڏسڻ کان شريعت منع فرمايو آهي. (٢) جيڪي اکيون پنهنجي ربّ ڪريم جو جلوو ڏسڻ چاهن ٿيون، مان نٿو چاهيان تہ اهي ڪنهن ٻي شيء کي بہ ڏسن، تنهنڪري مون مناسب خيال ڪيو تہ نابين جيان ٿي وڃان ۽ جڏهن قيامت ۾ منهنجي اک کلي تہ يڪدم منهنجي نظر پنهنجي ربّ ڪريم جو ديدار ڪري. ان کان پوءِ پاڻ سٺ سال ظاهري حياتي سان ُمتصف رهيا پر ڪنهن سندن کي اک کولندي نہ ڏٺو. (خوفِ خدا، ص۴۵)

- ❖ حضرتِ سيدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ اچي ٿو تہ هڪ ڀيري چاليهہ (40) ڏينهن تائين سجدي جي حالت ۾ روئيندا رهيا ۽ الله پاڪ کان حياء جي سبب آسمان ڏانهن پنهنجو مٿو نہ کنيائون. ايترو وڌيڪ روئڻ جي ڪري سندن عَلَيْهِ السَّلَام جي لڙڪن سان گاهہ (Grass) ڦٽي پيو ۽ ان گاهہ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي مٿي کي ڍڪي ورتو. (حڪايتيں ۽ نصيحتيں، ص١٣٥ بتغير)
- ❖ حضرتِ سَيدُنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ خوفِ خدا جي سبب ايتري قَدَرگِريو و زاري ڪندا (يعني روئيندا) هئا جو هڪ مِيل جي مفاصلي تان سندن جي سيني ۾ ٽيندڙ گڙگڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ايندو هو. (اِحياءُ الْعُلوم، ۴/٢٢۶از نیکی کی دعوت، ص٢٧٣)
- ❖ حضرتِ سيدُنا عيسٰي رُوحُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي عادت هئي تہ جڏهن ڪو نصيحت آموز واقعو ٻڌندا هئا تہ اهڙي طرح روئيندا هئا جهڙي طرح ڪا عورت ٻار فوت ٿيڻ تي روئندي آهي. (اللّٰہ والوں کی باتیں، ۵/۴٣)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”ماهوار مدني حلقو“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو خوفِ خدا ۾ ٻڏل رهڻ ۽ خوفِ خدا ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ مرحبا- اسان کي بہ پنهنجو پاڻ ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ

جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون جتي ۾ بي شمار بهارون آهن اتي هڪ بهار اها بہ آهي تہ هن مدني ماحول جي برڪت سان خوفِ خدا ۾ روئڻ نصيب ٿيندو آهي. اهو ئي مدني ماحول فڪرِ آخرت ۾ بيقراري جي ڪيفيت پيدا ڪندو آهي، اهو ئي مدني ماحول قبر ۽ آخرت جي ياد دل ۾ پيدا ڪندو آهي- اهو ئي مدني ماحول غمِ مدينہ ۽ عشقِ رسول ۾ اشڪباري جو ذهن بڻائيندو آهي- اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو- ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "ماهوارمدني حلقو" بہ آهي، هر مهيني جي ٽئين جمعرات جو حلقي، علائقي يا شهر سطح تي تربيتي حلقي جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي.(دورانيو وڌ کان وڌ 2 ڪلاڪ 26 منٽ آهي). جتي مدني مرڪز جي ڏنل طريقي ڪار جي مطابق غسل، وضوء نماز، سنتون، دعائون پڻ عورتن جا شرعي مسئلا وغيره، درس ۽ بيان جو طريقو ۽ دعوت اسلامي جون اصطلاحون ۽ درست تلفظ سيکاريا ويندا آهن پڻ شجرهءِ عطاريہ جا اوراد ۽ وظيفہ بہ ياد ڪرايا ويندا آهن اوهان بہ هنن مدني حلقن ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪيو ۽ پنهنجي زندگي کي سنتن جي رنگ ۾ رنگڻ جي ڪوشش ڪيو.

دعوت اسلامي جي مدني حلقن ۾ شرڪت ۽ شجري شريف پڙهڻ جون ڪيئي برڪتون آهن ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو. جيئن

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ گهريلو پريشانين ۾ گرفتارهئي. هر روز لڙائي جهڳڙي جو سلسلو رهندو هو جنهن جي ڪري گهر جو سڪون برباد ٿي چڪو هو، اها اسلامي ڀيڻ هن صورتحال کان ڏاڍي پريشان هئي، گهر ۾ امن جو ماحول قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪا واٽ نظر نہ ايندي هيس. انهيءَ دوران پير ۽ مرشد اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي توجهہ سان ان کي اميرِاهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي عطا ڪيل رسالي"شجرهء قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ" مان شجرهءِ عاليہ پڙهڻ جو خيال آيو، بس پوءِ ڇا ٿيو! ان شجري

شريف کي گهريلو پيشانين کي دور ڪرڻ جي ارادي سان پڙهڻ شروع ڪيائين. شجري شريف پڙهڻ جي برڪت سان ان جا گهريلو جهڳڙا ختم ٿي ويا ۽ گهر امن جو گهوارو بڻجي ويو(شرح شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ، ص 153)

مشکلیں حل کر شہِ مشکل کُشا کے واسطے کر بلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

”جيڪڏهن اوهان کي بہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي ذريعي ڪا مدني برڪت ملي هجي تہ آخر ۾ مدني بهار مڪتب ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## خوفِ خدا ۾ روئڻ جا فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان خوفِ خدا ۾ روئڻ جي اهميت بابت پڙهي رهيون هيوسين. صاف پاڻي جو اهو وصف آهي تہ اهو ڪِن ڪچرو ختم ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن هنڌ گندگي هجي ۽ پاڻي هاريو تہ جتي جتي پاڻي پهچندو اهو هنڌ بہ صاف ٿيندو ويندو. خوفِ خدا ۾ نڪرندڙ لڙڪ نڪرندا تہ ٻاهر آهن پر انسان جي ”اندر“ کي صاف ڪري ويندا آهن. اهي لڙڪ وهندا ظاهر تي آهن پر صفائي انسان جي باطن جي ڪندا آهن. ❖ خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ دل جي سختي دور ڪندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** دل جي نرمي جو سبب بڻجندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** قلبي سڪون فراهم ڪندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** گناهن جي بوجھ کان نجات ڏيندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** الله پاڪ جي رحمت جو اميدوار ڪندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** جهنم کان آزادي جو سبب ٿيندا آهن. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** جنت جو حقدار بڻائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** قبر جي مرحلن کي آسان بڻائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** عذابِ قبر کان بچائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** قبر جي تنگي ۽ وحشت کي دور ڪري سگهن ٿا. ❖ **خوفِ**

خدا سبب نڪرندڙ **لڙڪ** قبر کي گُلِ گلزار بڻائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** سياڻي ٿيندڙ ندامت کان بچائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** محشر جي اُس ۽ اُڃ کان بچائي سگهن ٿا. ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** پل صراط تي آساني جو سبب ٿي سگهن ٿا. مطلب ته! ❖ **خوفِ خدا سبب نڪرندڙ لڙڪ** بظاهر بيڪسي جو اظهار هوندا آهن پر درحقيقت عزتن ۽ عظمتن کي ماڻڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا.

## اولياءِ ڪرام جو خوفِ خدا ۾ روئڻ

الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خوفِ خدا جي ڪري ڪثرت سان لڙڪ وهائيندا آهن، ڪيئي ولين سڳورن جي باري ۾ منقول آهي ته خوفِ خدا ۾ ڪثرت سان روئڻ سبب انهن جو نور ختم ٿي ويو پر انهن روئڻ نه ڇڏيو. اچو! ترغيب جي لاءِ خوفِ خدا ۾ روئڻ بابت اولياءِ ڪرام جا ڪجهه واقعا ٻڌون ٿيون:

1. حضرت سَيدُنا ابو بِشر صالح مُرّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏا نالي وارا محدث هئا. پاڻ زبردست مبلغ به هئا. بيان جي دوران سندن جي اها ڪيفيت ٿيندي هئي جو رب جي خوف مان ڏڪندا ۽ ڪنبدا هئا ۽ ايتري قدر روئيندا هئا جيئن ڪا عورت پنهنجي سڪيلڌي ٻار جي مري وڃڻ تي روئيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته گهڻي روئڻ ۽ بدن جي ڏڪڻ سان سندن عضون جا جوڙ پنهنجي جڳهه تان ڪنبڻ لڳندا هئا ۽ سندن جو بيان ٻڌڻ وارن تي اهڙو اثر ٿيندو هو جو ڪي ماڻهو تڙپي تڙپي بي هوش ٿي ويندا هئا ۽ ڪي انتقال ڪري ويندا هئا. سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خوفِ خدا جو اهو عالم هو جو جيڪڏهن ڪنهن قبر کي ڏسي وٺندا هئا ته ٻه، ٽي ٽي ڏينهن حيران ۽ خاموش رهندا هئا ۽ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا هئا. (اولیائے رجال الحدیث ص۱۵۱،خوفِ خدا، ص۷۶)

2. حضرتِ عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو دستور هو هر رات عالمن کي گڏ ڪندا هئا موت، قيامت ۽ آخرت جو تذڪرو ڪندي ايترو روئيندا هئا جو ائين لڳندو هو جو ڄڻ اڳيان جنازو رکيل آهي. (مکاشفۃ لقلوب، ص۱۹۶)

3. حضرت سَيدُنا عطاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن بہ ڪنهن پاڻ کي مرڪندي نہ ڏٺو، پاڻ جڏهن روئڻ شروع ڪندا هئا تہ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون مسلسل روئيندا رهندا هئا. جڏهن بہ آسمان تي بادل ظاهر ٿيندا هئا ۽ بجلي ڪڙڪو ڪندي هئي سندن دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هئي، بدن ڏڪڻ لڳندو هو، بيتاب ٿي ڪڏهن بيهندا ڪڏهن ويهندا هئا، گڏوگڏ روئيندي چوندا هئا: شايد منهنجي لغزشن ۽ گناهن جي ڪري زمين وارن کي ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ڪيو وڃڻ وارو آهي، جڏهن مان مري ويندس تہ ماڻهن کي بہ سڪون حاصل ٿي ويندو. (خوفِ خدا، ص۸۵)

4.سلطانُ الهند حضرت خواجہ غريب نواز سيد حسن سنجري اجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زبردست ولي الله هئا. پر اُنهن تي خَوفِ خُدا ايتري قدر غالب هو جو هميشہ خَشِيتِ اِلاهي سان ڏڪندا ۽ گريہ وزاري ڪندا رهندا هئا، مخلوقِ خُدا کي خَوفِ خُدا جي تلقين ڪندي ارشاد فرمائيندا هئا: اي انسانو! جيڪڏهن توهان مٽي هيٺ ستل ماڻهن جو حال ڄاڻي وٺو تہ خوف وچان بيهي بيهي پگهرجي وڃو. (معين الارواح، ص ۱۸۵ملخصاً )

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ غريب نواز جو ذڪرِ خير

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ ٻين اولياءِ ڪرام جو خوفِ خدا سبب روئڻ مرحبا! 6 رَجَبُ الْمُرَجَّب جو سلطانُ الهند حضرتِ سَيدنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو عُرس مُبارَڪ آهي. اچو! انهيءَ مناسبت سان سندن جو مختصر مبارڪ ذڪر ٻڌون ٿيون:

حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو حَسَن چشتي اَجميري آهي، سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مشهور لقبن ۾ مُعينُ الدّين، غريب نواز، سلطانُ الهند ۽ عطاءِ رسول شامل آهن. (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري، ص۲۰ ملخصاً) حضرت خواجہ غريب

نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي اَخلاق، ڪردار ۽ گُفتَار سان اسلام جو نالو روشن ڪيائون. لڪين ماڻهن کي پاڻ پنهنجي نوراني نگاهه سان نورِ اسلام سان منور فرمايائون. پاڻ پنهنجي خليفن ۽ شاگردن جي اهڙي جماعت تيار ڪئي جنهن پاڪ ۽ هند جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دين جو پيغام ڦهلايو. الله پاڪ حضرت خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي خدمتِ دين جي صدقي اسان کي به نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مدني انعامات

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جو مدني ماحول جتي خوف خدا جو جذبو عطا ڪندو آهي اتي اولياءِ ڪرام جي محبت ۽ عقيدت به نصيب ڪندو آهي. اوهان به هن ئي ماحول سان هردم وابسته رهو. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي دين جي تبليغ جي لاءِ 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. انهن شعبن مان هڪ شعبو"مجلس مدني انعامات" به آهي هن مجلس جو بنيادي مقصد اسلامي ڀينرن، ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي شاگرديائڻين کي باعمل بڻائڻ ۽ انهن کي مدني انعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ آهي. اچو! اسين به نيت ڪيون ٿيون ته نه صرف پاڻ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديوسين بلڪ ٻين اسلامي ڀينرن کي به هن تي عمل جي ترغيب ڏياريندي‌وسين. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي:

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

## ”گھر ۾ اچڻ وڃڻ جون“ سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت،اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ” گھر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب“ ٻڌون ٿيون: ❖ جڏهن گھران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: ”بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله ڪريم تي ڀروسو ڪيو- الله کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪين ڪرڻ جي) طاقت آهي. (ابو داود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۵) اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهنديون مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله ڪريم جي مدد شاملِ حال رهندي ❖ گھر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا۔ ترجمو: اي الله! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گھران ٿي، الله پاڪ جي نالي سان اسان (گھر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي رب ڪريم تي اسان ڀروسو ڪيوسين) (ابوداود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۶) دعا پڙهڻ کانپوءِ گھر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گھريلو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو. ❖ جيڪڏهن اهڙي گھر (ڪٽي پنهنجي خالي گھر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيْن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوتہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گھرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهارِشريعت،حصه۱۶ ص۹۶،شرح الشّفاء للقاري،۲/۱۱۸) ❖ جڏهن ڪنهن جي گھر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم ڇا مان اندر اچي سگھان ٿي؟ ❖ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگھي ٿو ڪنهن

مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ❖ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو ڪڙڪائي تہ سنت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي؛ مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ❖ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد